ڊاڪٽر ناهيد پروين

# خليفي نبي بخش لغاريءَ جو ڪلام

***Abstract***

**Introducing poetry of : Khalifo Nabi Bux Leghari**
**(An eminent popular poet of Classical period)**

*Khalifo Nabi Bux Leghari was the eminent poet of classical period of Sindhi Literature; in which period Shah Abdul Latif Bhitai was the shining star. Nabi Bux Leghari was one of the shining stars in the galaxy of poetry during classical period.*

*Nabi Bux was well-versed in the art of writing/ composing poetry. He followed the pattern of Shah Latif, but being aware of the prosody, he adopted his own style, language, alliteration and so on soforth. Thus, he produced bulk of poems, and a big collection was compiled and published in the form of 'Risalo'. All those poets who gave a book viz: 'Risalo', win high reputation among Co-sharers.*

*The period of classical poetry is everlasting and its creators enjoy high reputation.*

*The conplets quoted are replete with, lyrrical qualities, prosody, thought, emotions, rhythem and pictorial vision. He knew, Urdu, Hindi and Seraiki languages as well; thus such glimpsis are also portrayed in his poetry which is considered as an additional quality.*

*Thus Khalifo Nabi Bux enjoys the position of eminent poets in the history of sindhi classical poetry.*

**خليفو** نبي بخش لغاري سنڌ جي برک ۽ نالي وارن شاعرن مان هو. پاڻ 'قاسم'



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تخلص بہ ڪم آندو اٿس. قاسم تخلص بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ ”مجازي محبت جي چوٽ لڳڻ بعد ئي خليفي صاحب جي صحيح معنيٰ ۾ شاعري شروع ٿئي ٿي. سندس ماسات قاسم، هڪ تہ هُن جي محبت جي داستان جو رازدان هو ۽ ٻيو تہ خليفي صاحب جي ساڻس دلي پريت هئي: ’آوي قاسم جنهن ڪاڻ سڪان‘، انهيءَ ڪري پنهنجي نالي بدران ’قاسم‘ جو نالو تخلص طور چونديائين.“(1)

خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعريءَ جو جائزو وٺڻ کان اڳ اها ڳالهہ واضع جي تہ شعر جي اپياس جو مقصد معلومات حاصل ڪرڻ ڪونهي، پر ان جو مقصد ان مان پيدا ٿيندڙ تاثر، وجدان ۽ حسن جو ادارڪ هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ماڻهو شعر کي وزن، بحر، قافين، رديفن يا اسلوب جي علم تائين محدود سمجهندا آهن، اهي شعر جي اصلي روح کان محروم رهندا آهن.

ڏٺو وڃي تہ باشعور زندگيءَ ۾ شاعري محض جذباتي ڪيفيت ڪا نہ هوندي آهي، بلڪ ان ۾ تمام ڳُوڙهو فڪرانگيز تجسس ۽ فني اصول سمايل هوندا آهن. انهيءَ اصول جي روشنيءَ ۾ سنڌي اساسي شاعريءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ هر اساسي شاعر انهن اصولن جي پاسداري ۽ پوئواري ڪندي نظر اچي ٿو. اهڙن اساسي شاعرن ۾ اهم شاعر خليفو نبي بخش لغاري بہ شامل آهي. خليفي جو سمورو ڪلام يا شعر انهن اصولن جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. بقول ڪولرج: ”عظيم ۽ ڀرپور شاعري روح جي هڪ هڪ تار کي لوڏي ڇڏيندي آهي.“ (2)

مثال طور خليفي نبي بخش لغاريءَ جو هيٺيون بيت آهي:

آءٌ سو سارنگ سارِيان، جو بُڪين لاهي بُکَ،
آب پياري اجڙيين، ڏڪِين سَجي سُکَ،
مٿان دِلين ڏُکَ، وَسن سَيي ميٺِيا.
(خليفي صاحب جو رسالو، سر سارنگ، فصل ٽيون، ص:37.)

اساسي شاعرن ۾ خليفو سنڌي شعر جي رسالي واري روايت جو تسلسل بہ آهي. انهن خاصيتين سان گڏوگڏ خليفي صاحب جو ڪلام فڪر ۽ فلسفي سان ڀرپور آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ وانگر سرن جي لحاظ کان ۽ موضوع واري شاعري ڪئي اٿائين. سندس مشاهدو وسيع ۽ عميق آهي. عام رواجي شين کي تشبيهہ ۽ استعاري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طور ڪتب آندو اٿائين، جن کي عام ماڻهو اهميت نہ ڏيندا آهن. پاڻ سر آسا جي فصل ٻئي ۾ ”جونءَ“ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

جُون سُرندِي جان ۾، ننڍِي ياڻءَ ۾ نيڪ!
ٻيون پڻ ايندبون اُتهين، جتي هوندي هيڪ،
ڪندي لِيک انيڪ، ڪوڙين لَکَ ڪپار ۾.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر آسا، فصل ٻيو، بيت نمبر:4، ص:195.)

خليفي نبي بخش لغاريءَ کان گهڻو اڳ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جُونءَ جي خاندان جي ڄڻين ۾ لِيکُن جو ذڪر پنهنجي سر مارئي ۾ سر سسئي آبري ۾ ڪيو آهي. (ڏسو رسالو شاهواڻي، سر مارئي، داستان ڏهون، بيت ڏهون، ص: 599 ۽ سر سسئي آبري، رسالو ساڳيو، داستان نائون، بيت يارهون، ص:364.)

اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ لفظ نہ رڳو معنيٰ جي لحاظ کان، پر ڪيفيت ۽ مواد جي لحاظ کان بہ هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن. ڪن لفظن جا مطلب مقرر ۽ جامد هوندا آهن تہ ڪن ۾ وري هڪ گوناگون دنيا لڪل هوندي آهي. اسان جي هن اساسي شاعر جي ڪلام ۾ اها خاصيت اتم درجي تي موجود آهي. مثال طور:

هڪ پيالو بہ ڄڻا، تہ ڪر ناتو نانهہ،
ٻَن پئي سان ٻانهہ، جا سيڪو سيراندِي ڪَري.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر آسا، فصل ٽيون، بيت نمبر:3، ص:197.)

سماجي برائيءَ تان پردو بہ کنيو ويو ۽ خلق تي راز بہ نہ کليو.

اها سنڌي اساسي شاعري ئي آهي، جيڪا مامَ ۾ ڳالهائي ٿي، تمثيلن وسيلي زندگيءَ جي ڳُوڙهن رازن ۽ مامرن کي بيان ڪري ٿي، بلڪ انهن کي نبيرڻ جي ڪوشش بہ ڪري ٿي. خليفو نبي بخش لغاري بہ انهيءَ واٽ جو پانڌيئڙو هو، ان وٽ ساڳيو فڪري فلسفو هو، جيڪو شاهہ کان اڳ ۽ شاهہ وٽ هو.

جيتي ياد نہ ڪيائون، تہ ڪيهو ڏک ڏيرن تي،
ستيس پير ڏکها ڪري، آساري آئون،
وهاڻي واهون، ڏيان ڏونگر وٽ ۾.

(بيت:4، ص:56، سر سسئي، فصل پهريون، خليفي صاحب جو رسالو)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خليفو بہ سسئيءَ کي دوش ڏئي ٿو تہ سسئي پنهنجي ننڊ جي ڪري پنهون وڃايو، هروڀرو ڏيرن تي ڪانہ پئي. خليفو اهو ئي ساڳيو پيغام ڏيئي ٿو جيڪو شاهہ لطيف ۽ شاهہ کان اڳ جي شاعرن ڏنو آهي. جهڙوڪ قاضي قادن فرمائي ٿو:

ستو سڄي رات، منهن ڏکي مئن جيان.

(قاضي قادن جو ڪلام، ص:89.)

شاهہ لطيف وري انهيءَ ڳالهہ کي ڪجھ هن ريت پيش ڪيو آهي:

ستينءَ سنجهيئي، منهن ويڙهي مئن جيئن،
اوجاڳو اکين کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، تي ڪچو ڪيچين ڪرين!

(سر ڪوهياري، بيت 5، داستان پهريون، شاهہ جو رسالو، ڪلياڻ آڏواڻي.)

جديد نقادن جي راءِ مطابق هڪ سٺي ۽ اثرائتي شعر ۾ جن جزن جو هئڻ ضروري آهي، سي سڀ خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهن، جهڙوڪ: ترنم، قافيو، عڪسيت، شاعراڻو خيال، جذبو، ٻولي ۽ اسلوب وغيره.

هيٺين وائيءَ کي ڏسجي تہ ترنم سان ڀرپور ردم ۽ موسيقيت جو پاڻمرادو احساس ڏياري ٿي:

تَڙِ تواڙُون پوُنِ، گِهنڊ گُڙندا مون سُئا
مانَ مون کي چوُنِ تو وڻجارا آئيا.

ماءُ! ساريندي مون، تَڙِ وڻجارا آئيا
پُنِيون اميدُون، وَهُون وَرَنِ گڏيون.

وريا وڻجارا، وهُنِ گَهرِ واڌائيون
اَڇي سِڙَهِنِ اوچتا، ڏنا ڏيڪارا،
ڪاري ڪيڏارا، ڪتي موتيا خير سان.

(وائي، خليفي صاحب جو رسالو، ص:26، سر سامونڊي فصل ٽيون.)

خليفي صاحب جي ڪلام ۾ جيڪڏهن قافيو (Rhyme) جاچجي تہ سندس ڪلام "قافيي" جي حوالي سان ڀرپور غنائيت ڏيندي نظر اچي ٿو. مثال طور:

ڏُکان سُک سَرَنّ، سُک نہ اوڏا ڏُکَ ريءَ،
مارڳَ جي مَرَنّ، جَتُ جياري تَنّ کي.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر سسئي، فصل ستون، ص: 85، بيت:8)

ڏنو وڃي تہ بهترين ۽ اعليٰ شاعريءَ جو هڪ اهم جزو عڪسيت آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٻين شاعرن کان ان رُخ ۾ گوءِ کٽي ويو آهي، پر ڪانئس پوءِ جي شاعرن ۾ خليفي صاحب بہ پنهنجو پاڻ موکيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ بہ عڪسيت/ محاڪات جو عنصر نهايت اثرائتي نموني ۾ موجود آهي.

حقيقت ۾ عڪسيت يا محاڪات شاعريءَ ۾ اوتري پراڻي آهي، جيتري شاعريءَ جي تاريخ. عڪس شاعريءَ ۾ هميشہ کان موجود هئا، پر نقاد انهن جي باري ۾ خبردار گهڻو پوءِ ٿيا.

خليفي صاحب جي شاعريءَ ۾ بہ محاڪات لاجواب انداز ۾ ڏسجي ٿي:

اُپ تتو، پُون تامٽي، سورج سر ڪپارَ،
الله! مَ لڳي اُن جي، ڪوسو واءُ قطارَ،
اوٺي ۽ اوٺارَ، مون پرنيا ربَّ کي.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر سسئي، فصل پنجون، بيت 12، ص:75.)

ڪنهن بہ شاعرجي تخليق ۾ سندس شاعراڻو خيال هجي ٿو، جنهن جي عڪاسي هو نادر لفظن ۾ ڪري ٿو. پر اهو تمام ضروري آهي تہ خيال کي شاعر جي پنهنجن لفظن ۾ ئي رهڻ ڏنو وڃي.

خيال جي سونهن ۽ عظمت، تخيل جي بلنديءَ سان ٻڌل هوندي آهي. ورڊس ورٿ اسان کي خبردار ڪيو هو تہ :

"The voice which is the voice of my poetry, without imagination can not be-heard"

يعني: منهنجي شاعريءَ جو جيڪو آواز آهي، اهو تخيل بنا ٻڌي ڪونہ سگهبو آهي.(3)

خليفو ڪيڏي نہ سهڻيءَ ريت پنهنجي محبوب سان پرچڻ جو ذڪر ڪري ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسِي راتِ مَ چڙ،
اسين تابع تنهجا، هنيڙا هينڙي هڏ،
تَپِي تاب تَوڏ، تون ڪامل ڪندي ڪن سان!

(خليفي صاحب جو ڪلام، سر برووسنڌي، فصل پهريون، بيت:8، ص:115.)

جيئن شاهہ لطيف جو ڪلام تجنيس، خيال، جذبي ۽ ترنم سان سلهاڙيل آهي، بلڪل اهڙي ريت ئي خليفي جو ڪلام بہ تجنيس، خيال، جذبي ۽ ترنم سان لاڳاپيل آهي. مٿي ڏنل بيت نہ رڳو تجنيس حرفيءَ جو سهڻو مثال آهي، بلڪ ان ۾ خيال جي عظمت ۽ جذبي جي گهرائي بہ بدرجہ اتم موجود آهي.

چوڻ وارا چئي ويا آهن تہ "شعر جذبن جي اظهار جو ٻيو نالو آهي". شاعري بنا جذبي جي ٿي ئي نہ ٿي سگهي. هر تخليق خاص طور تي شعر جهڙي تخليق پويان ڪونہ ڪو جذبو ڪارفرما هوندو آهي. سنڌي اساسي شاعريءَ کي اهو ڪمال حاصل آهي تہ اها جذبن ۾ هلچل سان گڏوگڏ انهن کي سنڀالڻ جو ڪم بہ ڪري ٿي، هرڀرو مچرائي نٿي.

خليفي صاحب انهن شاعرن ۾ ليکجي ٿو، جيڪي جذبن جي صحيح ۽ سنئين عڪاسي ڪن ٿا ۽ اجايو جذبا ڀڙڪائڻ يا باهہ لڳائڻ جو ڪم نہ ٿا ڪن. سچو شاعر پنهنجي تخليق ۾ ڪاوڙ جي جذبي کي نهايت سهڻي نموني ڪم ۾ آڻي ٿو. جيئن هن بيت ۾ خليفو صاحب چئي ٿو:

پنهون پاراتو ڏيان، سڄ رب ستار!
جو مون ٻاروچو مڃيو، تنهن وڏي ڄام ڄمار،
سوين گهوريان سسيون، مٿان هوت هزار،
ونگو ٿئي مَ وار، قاسم ڪيچ ڌڻيءَ جو.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر سسئي، فصل ٽيون، بيت:5، ص:61.)

سو اها روايت جيڪا شاهہ لطيف قائم ڪئي تہ

" پنهل پاراتو ڏيانءِ ٻئي هٿ ڪٽي،
جڙيو هجين جهان ۾ جهجهو رزق ڏيئي ڌٽي"

ساڳئي روايت جڻ خليفي صاحب بہ قائم رکي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مضمون جي شروعات ۾ ڏنل اصولن موجب ڏٺو وڃي تہ خليفي صاحب جي شاعري ڪلاسيڪي شاعريءَ جي اعليٰ معيارن کي برقرار رکيو آهي. ٻولي ۽ اسلوب ۾ بہ خليفو نبي بخش ڪنهن کان پوئتي نہ رهيو آهي. پٺائي صاحب کان پوءِ واري دؤر جي اساسي شاعرن ئي شايد پهريون ڀيرو عمدو ۽ ارادي سان سنڌيءَ سان گڏ ٻين مقامي ٻولين ۾ شعر چيو. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ، "موجوده معلومات جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ سڀ کان اول روحل ۽ مراد سنڌي سان گڏ سرائڪي، هندي ۽ مارواڙيءَ ۾ ڪافي پختو شعر چئي، هن نئين روايت کي محڪم ۽ مضبوط ڪيو. عبدالله فقير اردو-هنديءَ جا ڪي لفظ ۽ فقرا پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيا ۽ سرائڪي زبان ۾ پختو ۽ دلپذير ڪلام چيو. سچل: سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي ۽ اردو ۾ ڪافي شعر چيو ۽ ان سان گڏ فارسي شاعريءَ جي قديم روايت کي پڻ قائم رکيو. سندس حلقي جي ناميارن شاعرن مان بيدل پڻ اها واٽ ورتي.

خليفي صاحب هن ميدان ۾ مڙني کان اڳ وک وڌائي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سرائڪي شاعريءَ جي ابتدا ڪانئس اڳ ٿي ۽ سندس وڏن همعصرن سرائڪيءَ ۾ سهڻو ۽ پختو شعر چيو، پر سنڌ ۾ سرائڪي شاعري: خليفي صاحب جي ڪلام ۾ پنهنجي عروج کي پهتي."(4)

قاسم پيا پيش طبيبان، سڀ سڻايم حال حبيبان
دارو پچان بيمار دا ڏي ڏسڙا.
(خليفي صاحب جو رسالو، ڪافي سر جوگ، ص:235.)

خليفي صاحب ٻين ٻولين سان گڏوگڏ بلوچي زبان کي بہ استعمال ڪيو آهي. بلوچيءَ جي آميزش شاهہ لطيف وٽ بہ آهي. سر سسئي ۾ شاهہ لطيف بلوچيءَ ۾ سسئيءَ جي ڏيرن جو ذڪر ڪيو آهي. خليفي بہ پنهنجي ڪلام ۾ سر سسئيءَ ۾ بلوچي ۾ مخاطب ٿيو آهي:

بِل تو قاذا اُن ڪي، دوشي ويڙا دوشُ،
مَ ڪَنُونَ بانگوا باتڙي، رَمُ مَروشي روشُ،
سندو جَتنِ جوشُ، مُنذَ مارِيندو ڪذهين.
(خليفي صاحب جو رسالو، سر سسئي، فصل ٻيون، بيت نمبر:15، ص:58.)

**بل** : ڇڏ

**ٿو** ؛ تون

**دوشي** : گذريل رات

**دوش** ؛ دوس : دوست

**بل ٿو ڦاڌا باتڙي** : اٿڻ يا وڃڻ جي وائي ڇڏ.

**مر ڪنون بانگوا باتڙي** : سپاڻي صبح جي وائي ڇڏ، اڄوڪي ڏينهن هل.

**بروڦاڌا** : هل اٿ.

خليفي صاحب جو رسالو، ص: 280.

مطلب ته خليفو نبي بخش لغاري ٻه سسئيءَ کي ساڳئي هدايت ڪري ٿو ته، تون پنهنجي پنڌ(سفر) کي جاري رک، سپاڻي جي ڳالهه نه ڪر، اڄوڪي ڏينهن هلندي هل.

انهن ٻولين کان سواءِ خليفي نبي بخش لغاري اردو، هندي ۽ ڍاٽڪي محاوري ۾ به شاعري ڪئي آهي. نمونې طور هت هڪ پڇن ڏجي ٿو:

مت بسارو رے ہو، من من ہری کی بات
بھائی بہن کٹم قبیلا، کوئی نہ چلیگا سات
رام نام کی سمرن جپنے یہی چلیگا سنگات
گنگا جمنا کاہے کوں جانا، گھٹ میں بسے تیرے نات
صاحب کی بندگی کرے قاسم، آنسو بھری دن رات۔

(خليفي صاحب جو رسالو، ص:263.)

خليفي صاحب جي ڪلام جون خوبيون تمام گهڻيون آهن. اسان جي اساسي شاعرن جاندار ۽ بي جان شين کي استعاري ۽ تشبيهه طور ڪم آندو آهي. ڪيترين ئي عام رواجي شين کي پنهنجي ڪلام ۾ املهه ڪري پيش ڪيو آهي. اسان جي هن اساسي شاعر به ساهوارين شين مان جيئن جونءَ کي ساريو تيئن هڪ ٻئي ساهواري کي پنهنجي بيتن جي زينت بڻايو، اهو جانور آهي "ڪتو". هن جانور کي سندس رنگ ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نسل جي حوالي سان مختلف نالن سان پيش ڪيو آهي. ”سر بروو سنڌي“ ۾ ڪتي تي اٽڪل”27“بيت ملن ٿا، جن ۾ ڪتي کي مختلف نالن ۽ حوالن سان ڪنيو ويو آهي. مثال طور پَچَرُ، راڳو، ڀھر، پونڇي، ڪُتي، گُلر وغيره.

ڪتا ڪرڙِ ڪيم ڪي، مون ۾ ناهي ماھ،
الله لڳ عجيب جو، راڳا رندڙ مَر راھ،
پچر ! ڪَرِ مَر باھ، متان لوڪ لڪ پئي.

(خليفي صاحب جو رسالو، سربروو سنڌي، فصل پيو، بيت نمبر:2، ص:118.)

خليفي نبي بخش لغاري بنيادي طور تي لاڙ جي پاسي جو شاعر آهي. خليفو ڀٽائي صاحب جي لاڏاڻي کان 25 سال بعد ۾ ڄائو هو. تاريخي لحاظ کان سندس تعلق ڀٽائي صاحب کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي دؤر سان آهي. اهو دؤر بہ ڀٽائي صاحب جي اڳ واري دؤر جي هڪ ڪڙي هو، جنهن ۾ شاعري اڃا فقط فن طور طبع آزمائي جي مشق نہ بڻي هئي، بلڪ جذبن ۽ احساسن سان لبريز دلين جي حال ۽ فطري اظهار جو هڪ ذريعو هئي.

سڄڻ! سڄي رات، تو ڳرِ ڏيان ٻانھڙي،
پاٻوهي پرياتِ، هوند ڪيرون ڏِنمَ جيڏيين.

(خليفي صاحب جو رسالو، سر رپ، بيت نمبر: 5، ص: 150.)

مٿين مختصر جائزي جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي اساسي شاعريءَ جي آسمان تي سج ٿي اڀريو، جنهن جو جلوو پسي اڪثر پويان شاعر ذرن جيان چمڪي پيا، پر خليفي صاحب جي ڳڻپ انهن ناميارن شاعرن ۾ آهي، جي چنڊ ٿي نڪري نروار ٿيا، بلڪ ايئن چئجي تہ ذرو بہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ. خليفي نبي بخش لغاري چوڏهين جو چنڊ بڻجي چوڏاري چانڊوڪي پکيڙي ڇڏي.

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’خليفي جو رسالو‘ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2005ع، ص: 21.
2. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، ’ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ‘ ، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع، ص: 206.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

3. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، ’ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ‘، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع، ص: 214.

4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’خليفي جو رسالو‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005ع، ص: 27.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair